# سنڌ اريگيشن اينڊ ڊرينيج اٿارٽي

## آبپاشي جا سڌارا

# ڊائلاگ




## ميڊيا اينڊ ڪميونيڪيشن سيل

سنڌ اريگيشن اينڊ ڊرينيج اٿارٽي - حيدرآباد

# ڊائلاگ ۾ شرڪت ڪندڙ ناميارا
# آبادگار، تعليمي ماهر، دانشور ۽ صحافي

(1) ڊاڪٽر اسدالله قاضي ـ وائيس چانسلر اسرا يونيورسٽي
(2) محمد ابراهيم جويو - سنڌ جو ممتاز دانشور
(3) ڊاڪٽر رجب ميمڻ ـ اڳوڻو وائيس چانسلر زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام
(4) محمود نواز شاهه ـ سيڪريٽري جنرل سنڌ آبادگار بورڊ
(5) نذير ميمڻ ـ ممتاز زرعي ۽ آبپاشي ماهر، سيڪريٽري جنرل سنڌو ايگريڪلچرل فورم
(6) اقبال ملاح ـ سيڪريٽري حيدرآباد پريس ڪلب
(7) ڊاڪٽر عابده طاهراڻي ـ تعليمي ماهر ۽ ڊائريڪٽر ايس ڊي ايس سي سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو
(8) سيد حاجي نديم شاهه - ميمبر انتظامي ڪاميٽي سنڌ آبادگار بورڊ
(9) محمد اسلم بلوچ - ترقي پسند آبادگار
(10) حاجي عبدالهادي ميمڻ ـ برک آبادگار ۽ ايوان زراعت سنڌ جو باني ميمبر
(11) ڪمال خان نوناري ـ چيئرمين آبادگار تنظيم پانڌي واهه
(12) عبدالڪريم بلوچ ـ سيڪريٽري آبادگار تنظيم پانڌي واهه
(13) ذوالفقار هاليپوٽو ـ صوبائي ڪوآرڊينيٽر ورلڊ ويئن
(14) علي حسن ـ بي بي سي جو نمائندو
(15) سيد مير محمد شاهه ـ ترقي پسند آبادگار
(16) ڊاڪٽر بشير احمد نظاماڻي - ترقي پسند آبادگار

# ڊائلاگ ۾ شرڪت ڪندڙ سيڊا جا عيوضي

(1) پروفيسر اعجاز احمد قريشي ـ جنرل مئنيجر ٽرانزيشن
(2) ڊاڪٽر ممتاز سهاڳ - جنرل مئنيجر آر اينڊ ڊي
(3) احمد ثاقب ـ جنرل مئنيجر فنانس
(4) نظير احمد عيساڻي ـ ڊپٽي جنرل مئنيجر سوشل ڊولپمينٽ
(5) جي اين مغل ـ ڊپٽي جنرل مئنيجر ميڊيا اينڊ ڪميونيڪيشن
(6) سُهيل احمد ڪتياڻ ـ ڊپٽي جنرل مئنيجر ايڇ. آر. ڊي
(7) غلام نبي مغل ـ سيڪريٽري
(8) پال ڊونوهو ـ هيومن ريسورس ايڊوائيزر آء آر سي
(9) محمد اسلم انصاري ـ ٽيڪنيڪل آفيسر
(10) محمد علي مهر ـ ڊپٽي جنرل مئنيجر ڪئپيٽل ورڪس
(11) طارق محسن چنا - ميڊيا ڪوآرڊينيٽر
(12) عبدالرئوف چانڊيو - انفارميشن ايجوڪيشن اينڊ ڪميونيڪيشن آرگنائيزر
(13) مس رابعه جروار - انفارميشن ايجوڪيشن اينڊ ڪميونيڪيشن آرگنائيزر

# آبپاشيءَ جي سڌارن بابت
# ٽيل ڊائلاگ جي رپورٽ

سيڊا جي ميڊيا اينڊ ڪميونيڪيشن سيل طرفان 29 نومبر 2004 تي سيڊا سيڪريٽريٽ حيدرآباد ۾ " آبپاشي سڌارن بابت ڄاڻ ۽ تجويزون" جي عنوان هيٺ هڪ ڊائلاگ ڪرايو ويو جنهن ۾ سنڌ جي زرعي ماهرن، آبادگار اڳواڻن، تعليمي ماهرن، اديبن ۽ سماج سڌارڪن سميت سوسائٽي جي سڄاڻ حلقن سان تعلق رکندڙ ممتاز شخصيتن شرڪت ڪئي. ڊائلاگ ۾ سيڊا جي نمائندن انهن سڄاڻ حلقن کي تفصيلي ڄاڻ ڏني ۽ ڪائن تجويزون ورتيون.

ڊپٽي جنرل مئنيجر ميڊيا اينڊ ڪميونيڪيشن (سيڊا) **جي اين مغل** آجياڻي تقرير ڪندي ڊائلاگ جي مقصدن بابت شريڪ ٿيل پاڻي ماهرن، تعليمدانن، اديبن، دانشورن ۽ آبادگار اڳواڻن کي آگاهي ڏني. جي اين مغل ٻڌايو ته اجوڪو ڊائلاگ ان ڪري ڪرايو پيو وڃي ته جيئن سنڌ جي اندر آبپاشي ۾ جيڪي سڌارا آندا پيا وڃن انهن بابت ماڻهن کي ڄاڻ گهٽ آهي. سجاڳ قومون پنهنجن ادارن تي چيڪ اينڊ بيلنس رکنديون آهن ته جيئن انهن جي ڪمزورين کي ختم ڪري سگهجي. سنڌ جو نهري نظام دنيا جو وڏي ۾ وڏو سسٽم آهي پر آبپاشي کاتي جي اوڻاين جهڙوڪ پڇڙي جي آبادگارن کي پاڻي نه ملڻ ۽ وڏن زميندارن طرفان پاڻي چوري ڪرڻ جهڙيون شڪايتون عام آهن تنهن ڪري اهڙين شڪايتن کي ختم ڪرڻ لاءِ آبپاشي سڌارا آندا پيا وڃن. جنهن لاءِ سنڌ ايريگيشن اينڊ ڊرينيج اٿارٽي قائم ڪئي وئي آهي جنهن سبب هاڻ پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان ۾ پڻ سيڊا کي ماڊل طور وٺي رهيا آهن پر سيڊا جي آبپاشي سڌارن بابت هتان جي سوسائٽي جي مختلف طبقن کي ڀرپور ڄاڻ ناهي جنهن ڪري ان پروگرام کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ سڀني ماڻهن کي ڄاڻ ڏئي تجويزون وٺڻ چاهيون ٿا ته اهي سيڊا ۽ جن سڌارن تي سيڊا ڪم ڪري رهي آهي ڪي ڪيئن ٿا ڏسن ۽ انهن سڌارن ۽ سيڊا بابت سندن ڪهڙي راءِ آهي؟ ان سلسلي ۾ سمورن سڄاڻ حلقن جي مدد جي ضرورت آهي ۽ اسين هن فورم تان مثبت تنقيد کي پڻ ڀليڪار چونداسين.

جنهن کان پوءِ ڊائلاگ ۾ شرڪت ڪندڙن کي سيڊا جي جنرل مئنيجر ٽرانزيشن **پروفيسر اعجاز احمد قريشي** سيڊا جي ڪارڪردگي بابت تفصيلي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته سيڊا هڪ تبديلي جو نالو آهي. جنهن جو رستو ڏکيو ضرور آهي پر اسان جون ڪوششون آهن ته سنڌ جي تباهه ٿيل آبپاشي نظام ۾ سڌارا آڻي پاڻي جي منصفاڻي ورڇ ڪري سگهون. ڇاڪاڻ ته سنڌ جي ماڻهن جو وڏو جياپو پاڻي آهي ۽ سيڊا جياپي جي جنگ وڙهي رهي آهي جنهن ۾ سڀني جي ساٿ جي ضرورت آهي ته جيئن گڏجي ڪرپشن ۽ پاڻي چوري جو خاتمو آڻي سگهون. هن سيڊا جي قيام کانپوءِ آيل تبديلين بابت ڳالهائيندي چيو ته سيڊا جي قيام کانپوءِ 15 کان 20 سيڪڙو آبيانو وڌيو آهي. پڇڙيءَ جي آبادگارن کي پاڻي ملڻ شروع ٿي ويو آهي. آبادگار تنظيمون آبيانو گڏ ڪري رهيون آهن جنهن مان چاليهه سيڪڙو ايف اوز جي ملڪيت آهي ۽ 60 سيڪڙو ايريا واٽر بورڊ جي ملڪيت آهي. سيڊا هن وقت تائين 200 آبادگار تنظيمون ٺاهي چڪي آهي. چار ڪئنالن تي ايريا واٽر بورڊ

قائم آهن ۽ وڏيڪ پندرهن ڪئنالن تي بورڊ قائم ڪيا ويندا. هن چيو ته بيراجن جي ريماڊلنگ لاءِ واٽر سيڪٽر امپروومينٽ پروجيڪٽ شروع ٿيڻ وارو آهي. جنهن سان وڌيڪ پاڻي جي ورڇ ۽ پڇڙي تائين آبادگارن کي پاڻي پهچائڻ ۾ سولائي ٿيندي. جنهن سان هڪ بهتر انصاف پريو معاشرو قائم ڪري سگهنداسين.

هن چيو ته اڄوڪي ڊائلاگ جو مقصد تجويزون وٺڻ آهي ڇاڪاڻ ته اسان ۾ ضرور غلطيون هونديون جن کي تجويزون وٺي درست ڪنداسين ۽ سيڊا کي پاڻ پرو بنائينداسين.

ڊائلاگ جي مک مهمان اسرا يونيورسٽي جي وائس چانسلر **ڊاڪٽر اسد الله قاضي** ڊائلاگ ۾ ڳالهائيندي چيو ته اڄوڪو هي اجتماع خوش آئنده آهي مون کي هاڻي خبر پئي آهي ته در اصل سيڊا ڇا آهي؟ آبادگارن تنظيمن ۾ فارمرس ناهن هن ۾ وڏيرا ۽ جاگيردار آهن تنهن ڪري انهن ۾ اتحاد ڇا ٿيندو؟ هتي پاڻي جي ورهاست تي هڪ وڏو سياسي دنگل ٿيندو ته وري ساڳئي وقت ان مان اهو فائدو آهي ته پڇڙي جي آبادگارن کي پاڻي ملندو. سيڊا جي همت افزائي ڪرڻ گهرجي. پاڻي جي غير منصفاڻي ورڇ ۾ انجنئير ملوث آهن جنهن جي ڪري ڪو به فرق نه پوندو ڇاڪاڻ ته اهي انجنيئر اهو ئي ڪم ڪندا جيڪو هو آبپاشي کاتي ۾ ڪري رهيا آهن. وڏي وزير چواڻي مطابق آبپاشي کاتو وڏو ڪرپٽ ادارو آهي پر اتي 99 سيڪڙو سنڌي ماڻهو ڪم ڪري رهيا آهن. اسان هر مسئلي جو الزام پنجاب تي هڻون ٿا پر اسان کي پنهنجن تي به نظر رکڻ گهرجي.

سيڊا چوٽياريون ڊيم تي مضبوط موقف رکيو آهي ۽ اهو اڻ پورو سنڌ جي حوالي ڪرڻ خلاف سيڊا جو موقف تعريف ڪرڻ جهڙو آهي. اميد ته سيڊا اهڙا چڱا قدم کڻندي رهندي، سيڊا ۽ آبپاشي کاتي ۾ تڪرار آهي، سيڊا جي ڪري ڪجهه فردن کي ذاتي فائدو پهتو آهي پر اجتماعي طور تي اڃا تائين ڪو به وڏو فائدو نه ٿيو آهي، تنهن ڪري سيڊا گهڻو وقت هلي نه سگهندي. هن ڪوٽڙي بيراج تي ڳالهائيندي چيو ته اسان کي ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم ۾ گهٽ ۾ گهٽ 400 ملين سلٽ جي گهر ڪڻ گهرجي ۽ اها تڏهن ملندي جڏهن ڊائون اسٽريم ۾ گهٽ ۾ گهٽ 35 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي ڇڏيو ويندو.

سنڌ آبادگار بورڊ جي جنرل سيڪريٽري **محمود نواز شاهه** ڊائلاگ ۾ ويچار ونڊيندي چيو ته سڄي دنيا ۾ پاڻي جي معاملي تي ڳاڙها سگنل پيا وڄن ڇاڪاڻ ته پاڻي هڪ اهم اسم آهي اسان ڏسون ٿا ته سنڌ ۾ آبپاشي کاتو پاڻي جي منصفاڻي ورڇ ڪرڻ ۾ ناڪام ويو آهي. جنهن ڪري سيڊا کي ٺاهيو ويو آهي. 5 - 7 سالن کان ٻڌندا پيا اچون ته سيڊا ڪم ڪري رهي آهي، پر ان سسٽم ۾ به وصولين جي اوڳاڙي ڪندڙ ساڳيا ڪامورا ۽ آبپاشي کاتي جا سروئير آهن. منهنجي تجويز آهي ته اوڳاڙين لاءِ انڪم ٽيڪس جيئان بئنڪ ۾ آبادگارن کي رقم جمع ڪرائڻ وارو سسٽم متعارف ڪرايو وڃي ڇاڪاڻ ته روڪ رقم ڏيڻ سان اوڳاڙي جيڪا 15 ارب روپيه آهي. گورنمينٽ کي اها اوڳاڙي نه ٿي ملي. تنهن ڪري اڪائونٽنگ سسٽم کي سيڊا وڌيڪ مضبوط ڪري منصفاڻو بنائي ۽

اهو آبادگارن کي ٻڌائي ته ڪيتري اوڳاڙي ٿئي آهي ۽ ٽوٽل بجيٽ ڪيتري آهي؟ هن وڌيڪ چيو ته سيڊا کي اهو به واضح ڪرڻ گهرجي ته هو پنهنجا مقصد ڪيتري مدت ۾ حاصل ڪندا. آبادگارن تنظيمن جي چوندن بابت هن ڳالهائيندي چيو ته چوندن هميشه پاڪستان ۾ مسئلا پيدا ڪيا آهن ڇا هاڻي سياسي پارٽيون پاڻي تي پڻ ڪنٽرول ڪنديون!!؟

هن سيڊا بابت ڳالهائيندي چيو ته نارا ڪئنال پائليٽ پروجيڪٽ آهي پر سيڊا ان پراجيڪٽ ۾ ڪهڙا ڪم ڪيا آهن، اها ڪا به خبر ناهي. 1996ع ۾ عالمي بئنڪ جڏهن آبپاشي سڌارن لاءِ فنڊ ڏنا هئا ته چيو ويو هو ته سنڌ ۾ ڪير جون نديون وهنديون ته پوءِ ڇو ڪير جون نديون وهائڻ ۾ گورنمينٽ ڪامياب نه ٿي سگهي آهي. ۽ نه ئي سيڊا ڪاميابي ماڻي آهي. پر سيڊا وارا سچي نيت سان ڪم ڪن ٿا، دعا آهي ته اها ڪامياب وڃي، سنڌ آبادگار بورڊ سيڊا جي هر مثبت عمل ۾ هميشه ساٿ ڏيندي.

ناليواري ڏاهي ۽ دانشور **محمد ابراهيم جويو** سيڊا جي ڊائلاگ ۾ ويچار ونڊيندي چيو ته سيڊا هڪ تبديلي جي ڳالهه ڪري ٿي پر اها بدقسمتي آهي ته اسان کي تبديلي لاءِ ٻاهريان ماڻهو خبردار ڪن ٿا. ٻهرين اهي سوچين ٿا ۽ پو پنهنجون پاليسيون اسان مٿان مڙهين ٿا. عالمي بئنڪ وارا ڪروڙين روپيا ڏين ٿا جيڪي سندن مفاد لاءِ آهن، اسان کي تبديلي گهرجي پر اها تبديلي عقل، فهم ۽ تجربي جي روشني ۾ هئڻ کپي، اسان کي پنهنجون اوٺايون ختم ڪري تبديلي آڻڻ گهرجي، سيڊا تبديلي لاءِ اڳيرو ٿي آهي، سيڊ تي تمام وڏيون ذميواريون آهن جنهن تي سيني کي گهرائي سان سوچڻ گهرجي. جيڪڏهن سيڊا ۾ ڪو به سنڌ کي فائدو آهي ته بلڪل سنڌ جا ماڻهو ان کي قبول ڪندا.

سنڌو ايگريڪلچرل فورم جي سرواڻ ۽ مشهور زرعي ماهر **نذير ميمڻ** ڊائلاگ ۾ ڳالهائيندي چيو ته سيڊا وارا پهلي سٺ هزار آبادگار تنظيمون ٺاهن يا به لک ماڻهن کي ان ۾ حصيدار بڻائين پر جيستائين سنڌ ۾ پاڻي ئي ڪونه هوندو ته آبادگار تنظيمون ڇا ڪنديون؟ هن وقت تائين سيڊا وارا پاڻي چوري روڪرائڻ ۾ ناڪام ويا آهن انهن کي ڪو به ڪم ڪرڻ نه ڏنو ويو ست سالن ۾ سيڊا جو انفراسٽراڪچر رڳو ٺهيو آهي پر بنيادي ڪم پاڻي جي ورڇ کي منصفاڻيو بنائڻ نه ٿي سگهيو آهي. ان جا سبب اهي به آهن ته واٽر مئنيجمينٽ آرڊيننس مطابق سيڊا کي ڪو به اختيار نه ڏنو ويو آهي، سيڊا کي آبپاشي سيڪريٽري ۽ چيف انجنيئر وارا اختيار ناهن ته اسان کي سسٽم ۾ هيٺرو پاڻي گهربل آهي جهڙي گهر ڪري سگهن. اختيار نه هئڻ ۽ پاڻي نه هئڻ ڪري سيڊا وارا بندي ختم نه ڪرائي سگهي آهي. هر روز بک هڙتالون ۽ مظاهرا ڪندڙ آبادگارن جو تعلق منڊ سان نه پر پڇڙي سان آهي. سيڊا کي ماحولياتي دشمن رٿائن جي مخالفت ڪرڻ گهرجي، توهان پهلي ٻارنهن سيڊائون ٺاهيو ۽ پنج هزار آبادگار تنظيمون ٺاهيو پر ڪجهه به نه ٿيندو ڇاڪاڻ ته پاڻي سنڌ ۾ موجود ئي ڪونهي ته پوءِ سيڊا ڇا ڪري سگهندي.

سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام جي اڳوڻي وائس چانسلر **ڊاڪٽر رجب ميمڻ** ڊائلاگ ۾ ڳالهائيندي چيو تہ عالمي بئنڪ وارا پروجيڪٽ تہ آڻين ٿا پر اڄا پهريون فيز ئي مڪمل نہ ٿيندو آهي تہ اهي پڇي وڃن ٿا جنهن سان سنڌ کي نقصان ٿئي ٿو. سيڊا کي هيستائين چار سو ايف اوز ٺاهڻ گهرجن ها پر اڃا تائين رڳو ٻہ سو ايف اوز مس ٺاهي سگهيا آهن. سيڊا کي ڪا بہ سياسي مدد اڃا نہ ملي سگهي آهي ۽ نہ ئي آبپاشي کاتي وارا سيڊا کي ڪابہ ڪئنال ۽ بئراج حوالي ڪرڻ لاءِ تيار آهن، آبپاشي کاتي جو ڪو بہ ملازم سيڊا کي بدلي ڪرڻ جو اختيار ناهي جنهن ڪري اهي ملازم ڪرپشن ڪن ٿا، جيڪا ڳالهہ سيڊا جي کاتي ۾ وڃي ٿي ۽ ان جي ساک کي نقصان پهچي ٿو. سيڊا ۾ مانيٽرنگ جو ڪو بہ سسٽم ناهي آبادگار تنظيمون ۽ ايريا واٽر بورڊ بي اختيار آهن ۽ گهڻن کي پنهنجن اختيارن جي خبر ئي ڪونهي. سيڊا ۾ ڪارپوريٽ ڪلچر قائم ڪرڻو پوندو پر اڃا سيڊا ۾ ڪامورا شاهي نظر اچي ٿي. سنڌ آبادگار بورڊ جي سينيئر ميمبر **حاجي نديم شاهہ** ڊائلاگ ۾ ڳالهائيندي چيو تہ سيڊا جو نظام بهتر آهي پر ٽرانزيشن جو مسئلو آهي جنهن تي عمل ڪرايو وڃي، سيڊا ۾ اوڳاڙين وارو عملو آبپاشي کاتي سان تعلق رکي ٿو جيڪي سموريون وصوليون ڳڙڪائي وڃن ٿا ڇاڪاڻ تہ سيڊا کي انهن خلاف قدم کڻڻ جو ڪو بہ اختيار ناهي. سيڊا وارا پاڻ مجبور ۽ لاچار آهن . اسان سيڊا سان آبپاشي سڌارن ۾ قومي خدمت سمجهي حصو ونداسين ۽ هر سهڪار ڪنداسين.

سنڌ آبادگار بورڊ جي سينئر ميمبر **اسلم بلوچ** ڊائلاگ ۾ آبپاشي کاتي تي تنقيد ڪندي چيو تہ جيستائين آبپاشي کاتي جي سيڊا ۾ مداخلت هوندي تيستائين ڪم نہ هلي سگهندو. مونکي پاڻي نہ پيو ملي جيڪو منهنجو حق بہ هيو. هن چيو تہ سسٽم ۾ پاڻي ٿورو آهي تنهن ڪري انصاف سان ان جي ورڇ ٿيڻ گهرجي، منڍ وارن واٽر ڪورسن کي سوڙهو ڪيو وڃي تہ جيئن پڇڙي تائين پاڻي پهچي سگهي. ترقي پسند آبادگار **ڊاڪٽر بشير احمد نظاماڻي** چيو تہ سيڊا جيڪي ايف اوز ٺاهيون آهن انهن جي اهڙي ڪارڪردگي ناهي، ڇاڪاڻ تہ ايف اوز جي سروئير ۽ آبپاشي کاتي جا عملدار ڪابہ ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ تيار ناهن. اسان چاهيون ٿا تہ سيڊا ڪامياب وڃي پر جيستائين سيڊا کي اختيار نہ ملندا ڪجهہ بہ نہ ٿيندو. اهڙي طرح آبادگار تنظيمن جا مسئلا حل ڪيئن ٿيندا؟ سيڊا جي جنرل مئنيجر فنانس **احمد ثاقب** ان موقعي تي ڳالهائيندي چيو تہ سيڊا ۾ اڪائونٽنگ سسٽم مضبوط آهي آبياني جي نظام ۽ وصولين جي عمل کي ڪمپيوٽرائيزڊ ڪيو پيو وڃي جڏهن تہ هڪ ٽيم جوڙي وئي آهي جيڪا آبادگارن کي اڪائونٽس ۽ مالي معاملن بابت سکيا ڏيندي.

سيڊا جي ڊپٽي جنرل مئنيجر ڪئپيٽل ورڪس **محمد علي مهر** چيو تہ ايل بي او ڊي جي مرمت لاءِ فنڊ رکيا ويا آهن ۽ ان جي مرمت وارو ڪم شروع آهي سنڌ آن فارم واٽر مئنيجمينٽ پروگرام تحت اٺ سو ملين روپين جي لاڳت سان 100 ڊسٽريبيوٽريز ۽ 25 ڪينالن جي مرمت ڪري انهن کي مثالي بڻايو ويندو. جڏهن تہ ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي مدد سان 1226 ملين جي لاڳت هيٺ پاڻي

جي نظام ۾ سڌارا آڻڻ وارو پروجيڪٽ پڻ شروع ڪيو پيو وڃي. ليفٽ بئنڪ ڪئنالس ايريا واٽر بورڊ جي سينئر آبادگار **حاجي عبدالهادي ميمڻ** ڊائلاگ ۾ پنهنجا ويچار ونڊيندي چيو ته سيڊا جي حق ۾ گهڻي انداز ۾ مثبت جواب نه پيو ملي، سيڊا وارا چون ٿا ته بهتر تبديلي ايندي، جيڪڏهن واقعي سيڊا جي سسٽم ۾ ڪابه چڱائي آهي ته پوءِ ان کي گڏجي هٿي ڏيڻ گهرجي. هن وقت تائين سيڊا اوترو ڪم نه ڪري سگهي آهي جو ماڻهن ۾ ان جو اعتماد بحال ٿي سگهي. هن وقت حالت اها آهي ته جنهن واهه ۾ ٻارنهن سو ڪيوسڪ پاڻي منظور ٿيل آهي ته ان ۾ مورڳو چار سو ڪيوسڪ پاڻي ملي ٿو سيڊا وارا ڪاغذن ۾ وڏا پروجيڪٽ ڏيکارين ٿا ۽ عمل بلڪل زيرو آهي. هن ڦليلي ڪئنال جي ماحولياتي خطري بابت ٻڌايو ته حيدرآباد ۾ پيئڻ جي لاءِ هڪ سو ڪيوسڪ پاڻي اچي ٿو جنهن مان ٽيٽيهه هزار ايڪڙ زمين آباد ڪري سگهجي ٿي ۽ وري اهو استعمال ڪان پوءِ ڦليلي ڪئنال ۾ نيڪال ڪري وڌو وڃي ٿو جنهن ڪان پوءِ ڦليلي ڪئنال ۾ ايڏي ڏپ ٿي وڃي ٿي جو ٽنڊو محمد خان ڪان وٺي گولاڙچي تائين خطرناڪ ماحولياتي اثر پون ٿا. اسان جو سنڌ ايريگيشن اينڊ ڊرينيج اٿارٽي سان ڪوبه اختلاف ناهي رڳو اها گذارش آهي ته ڪم ڪري ڏيکاريو.

نارا ڪئنال ايريا واٽر بورڊ جي ميمبر **زاهد ڀرڳڙي** پنهنجي تجربي جي روشني ۾ ڳالهائيندي چيو ته سيڊا ڪان اڳ ۾ پڇڙي وارن کي پاڻي ڪو نه ملندو هيو هاڻي هن نظام هيٺ پاڻي ملڻ شروع ٿي ويو آهي جيتوڻيڪ سنڌ ۾ پاڻي جي ڪوٽ ۽ سيڊا گڏ 1997ع ۾ آيا پر پوءِ به آبياني جي اوڳاڙي ۾ اضافو ٿيو آهي. سيڊا کي جيڪڏهن اختيار ڏنا وڃن ته اها سنڌ جي اندر سائو انقلاب آڻي سگهي ٿي.

ڊائلاگ ۾ سيڊا جي جنرل مئنيجر ريسرچ اينڊ ڊولپمينٽ **ڊاڪٽر ممتاز سهاڳ** پنهنجي بريفنگ ۾ ٻڌايو ته دنيا ۾ تحقيق تي توجهه ڏيندڙ ملڪ ئي ترقي ڪن ٿا اڄ پاڪستان ان ڪري پوئتي آهي ڇاڪاڻ ته اسان وٽ ريسرچ تي گهٽ ڌيان ڏنو وڃي ٿو. سيڊا جا چار ٿنڀا آهن جنهن ۾ هڪ ريسرچ اينڊ ڊولپمينٽ ونگ پڻ آهي. سنڌ ۾ پاڻي سان لاڳاپيل جيڪي به ماحولياتي اشو آهن. سيڊا جي رسرچ اينڊ ڊولپمينٽ شعبي پنجاهه ڪان مٿي رسرچ اسٽڊي ڪرائي آهي ۽ سيڊا ۾ تحقيق ۽ ترقي واري شعبي جو اهم ڪردار آهي. اسان پنجاب جي شهر رحيم يار خان مان ايندڙ زهريلي پاڻي تي اسٽيڊي ڪرائي آهي گذريل پندرهن سالن ڪان اهو پاڻي اچي رهيو آهي. آبادگار تنظيم پانڌي واهه جي سيڪريٽري **عبدالڪريم بلوچ** تقريب ۾ سيڊا جي آبپاشي سڌارن جي حمايت ڪندي چيو ته ڀهرين ڳالهه پنهنجي تجربي جي روشني ۾ ٻڌائيندو هلان ته سيڊا وارا ڪرپٽ ناهن، اصل ۾ مسئلو آهي سيڊا اڃا ان ڏاڪي تي آهي جتي اها اڃا به ڏاڪا مس چڙهي ٿي ته ڪيس چار ڏاڪا هيٺ لاٿو ٿو وڃي جنهن ۾ انجنيئر ملوث آهن.

ڊائلاگ ۾ سيڊا جي سوشل ڊولپمينٽ اسپيشلسٽ **نظير احمد عيساڻي** سيڊا جي حوالي سان ڄاڻ ڏيندي ٻڌايو ته ڪو دور هوندو هو ته پاڻي جو نظام آبادگار پاڻ ۾ شراڪتي واري نظام هيٺ هلائيندا هئا جنهن ڪري ان وقت پاڻي جي ورڇ منصفاڻي هوندي هئي. پر 1950ع واري ڏهاڪي ۾

عالمي بئنڪ قرض ڏيڻ شروع ڪيا جيڪي رقمون آبپاشي جي ترقي لاءِ هيون جيڪو ڪم سرڪاري آرگنائيزيشن ڪندي هئي جنهن ڪري وٽي اچي وئي ۽ پاڻي جي ورڇ ۾ اڻ برابري جون شڪايتون وڌيون تنهن ڪري پاڻي جي منصفاڻي ورڇ لاءِ شراڪتي نظام هيٺ پيهر آبپاشي سڌارا آندا پيا وڃن جنهن لاءِ سيڊا ڪم ڪري رهي آهي پر سيڊا جو پائيواري نظام وارو اصل روح اجا نہ آيو آهي. ۽ نہ ئي اسان ئي آبادگارن جي اصل شراڪت ڪي آڻڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهيون سنڌ ۾ هن وقت سيڊا ۾ سو آبادگار تنظيمون ٺاهيون آهن ۽ سٺ هزار ماڻهن کي موبلائيز ڪيو آهي جيڪي عملي طور آبپاشي سڌارن واري پروگرام ۾ شامل آهن هر آبادگار تنظيم ۾ ڏهہ کان پندرهن هزار ماڻهن جي شراڪت آهي جيڪي منظم طريقي سان آبادگار تنظيمن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن سنڌ ۾ اهڙي ٻي ڪابہ ڪميونٽي ڪونهي جيڪا ايتري منظم هجي. هن ٻڌايو تہ عالمي بئنڪ طرفان آبادگار تنظيمن جي حوالي سان پروجيڪٽ شروع ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ فيلڊ ۾ ڇهہ اسٽيشنون قائم ڪرڻ جون تياريون ڪيون پيون وڃن. ۽ آبادگار تنظيمن کي مضبوط ڪرڻ لاءِ سرگرم آهيون سنڌ ۾ آبادگارن کي هڪ وڏي تربيت جي ضرورت آهي.

حيدرآباد پريس ڪلب جي سيڪريٽري **اقبال ملاح** ڊائلاگ ۾ ويچار ونڊيندي چيو تہ سيڊا اڃا تائين سنڌ ۾ ماڊل طور پيش نہ ٿي سگهي آهي، فنڊ ونڊڻ اين جي اوز کان وٺي سيڊا تائين ڪو بہ ماڊل ڏئي نہ سگهيو آهي تنهن ڪري سيڊا جي ڪوتاهين تي بحث ٿيڻ گهرجي.

ايف او جي اليڪشن پروجيڪٽ جو ٽيم ليڊر **مصطفي اڄڻ** ڊائلاگ ۾ ڄاڻ ڏني تہ آبپاشي سڌارن هيٺ آبادگار تنظيمون 1999ع کان ٺهڻ شروع ٿيون. واٽر مئنيجمينٽ آرڊيننس 2002 ۾ اهو واضح ٿيل آهي تہ هر ٽن سالن کان پوءِ آبادگار تنظيمن جي اليڪشن ڪرائڻي آهي. جولاءِ 2004ع کان چونڊن جو مرحلو شروع ڪيو ويو آهي. 120 آبادگار تنظيمن مان سٺر جي لڳ ڀڳ تنظيمن جي رجسٽريشن مڪمل ٿي چڪي آهي. چونڊن جي شروعات ۾ وڏن آبادگارن بہ سال اڳ پاڻ کي پري رکيو ۽ ڪمدارن کي موڪليو هيو پر هاڻي وڏا آبادگار چونڊ کٽڻ لاءِ پاڻ ميدان ۾ لهي پيا آهن ڄاڪاڻ تہ اهي اندازو پيا لڳائين تہ آبادگار تنظيمن جو مستقبل ۾ وڏو ڪردار آهي پر آبادگارن جي چونڊن ۾ انصاف ايترو تہ بهتر آهي جو هڪ ايڪڙ واري آبادگار جو ووٽ پڻ هڪ آهي تہ وري هڪ هزار ايڪڙ اوري زميندار کي پڻ هڪ ووٽ ڪاسٽ ڪرڻ جو اختيار آهي جنهن جي ڪري ڪنهن بہ ڌانڌلي کي روڪي سگهجي ٿو. ان موقعي تي آبادگار **دين محمد** پڻ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو ۽ سيڊا جي نظام تي پنهنجي تجربي جي روشني ۾ اعتماد ظاهر ڪيو.

## ڊائلاگ ۾ شرڪت ڪندڙ ڪجهه مقررن جون تصويرون



محمد اسلم بلوچ
سينيئر ميمبر
سنڌ آبادگار بورڊ



اقبال ملاح
سيڪريٽري
پريس ڪلب حيدرآباد



زاهد ڀرڳڙي
تجربيڪار آبادگار ۽ ميمبر
نارا ڪئنال ايريا واٽر بورڊ



نذير ميمڻ
زرعي ۽ آبپاشي ماهر



سيد حاجي نديم شاهه
ميمبر انتظامي ڪميٽي
سنڌ آبادگار بورڊ



ڊاڪٽر بشير احمد نظاماڻي
ترقي پسند آبادگار



حاجي عبدالهادي ميمڻ
باني ميمبر
ايوان زراعت سنڌ

ڈائلاگ ۾ شرکت کندڙ (تصویرون)





# ڊائلاگ واري تقريب بابت
# اخبارن ۾ شايع ٿيل خبرون

# Sindh Irrigation & Drainage Authority

## DIALOGUE

### On Irrigation Reforms




**Media & Communication Cell**

Sindh Irrigation & Drainage Authority (SIDA)

Hyderabad